**23 اپريل 2026ع (بمطابق: 12 ذوالقعده شريف 1447ھ)**
**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# الله سينيِ تي غالِب آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ

- ✿ ... **فرعون ۽ نمرود جي هلاڪت**
- ✿ ... **الله پاڪ جي عدل جو مثال**
- ✿ ... **بُري ۽ نيڪ ٻانهي جون نشانيون**
- ✿ ... **طاقت جو نشو خطرناڪ آهي**

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة
Islamic Research Center
(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ ؕ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡم ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي **10** رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن مون تي **10** ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي **100** رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن **100** ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي شخص نفاق ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي ۽ کيس قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکيو ويندو.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر | سدا سلام کہو عمر بھر درود پڑھو
عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو | خُدا کی تم پہ ہو رحمت اگر درود پڑھو (2)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1...معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

2... نورِایمان، صفحہ:57۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّاتِعملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (1)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڇو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو ته ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باأدب ويهندس ◈ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله غالِب آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَهُوَ الْقَاهِرُ فَوْقَ عِبَادِهٖ<br>(سيپارو: 7، سورة انعام: 61) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهو ئي پنهنجن ٻانهن تي غالب آهي. |

قاهر جي معنيٰ آهي: **غلبو رکڻ وارو، اختيار رکڻ وارو**.[2] آيتِ ڪريمه جو مطلب هي آهي ته الله پاڪ پنهنجن سيني ٻانهن جي سيني معاملن تي مڪمل قدرت ۽ اختيار رکي ٿو ◈ هُو چاهي ته عطا فرمائي ◈ چاهي ته پنهنجون عطائون روڪي ڇڏي ◈ چاهي ته فائدو پهچائي ◈ چاهي ته نقصان ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ◈ چاهي ته عزت بخشي ◈ چاهي ته ذلت جي کڏ ۾ ڪيرائي ڇڏي ◈ اهو ئي زندگي ڏيندو اهي ◈ اُهو ئي موت سان مِلائڻ وارو آهي، سندس فيصلي کي رد ڪرڻ ڪنهن جي وَس جي ڳالهه نه آهي، سيئي

---

[1]... بخاري، كِتَاب بَدءُ الْوَحي، صفحه:65، حديث:1۔

[2] مفرداتَ للراغب، صفحه:431۔

سندس قدرت ۽ اختيار ۾ آهن.[1]

## انسان ڪمزور پيدا ڪيو ويو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالھ سمجھڻ جي آهي، اسان انسان آهيون، حقيقت ۾ اسان تمام گھڻو ڪمزور آهيون. الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَخُلِقَ الْاِنْسَانُ ضَعِيْفًا ﴿۲۸﴾ (سيپارو: 5، سورة نساء: 28)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انسان ڪمزور بڻايو ويو آهي.

◈ پر اسان آڪڙ ۾ پرجي ويندا آهيون ◈ غرور ۽ تڪبر جڏهن مٿي تي سُوار ٿي ويندو آهي تہ پنهنجون ڪمزوريون وِساري ويهندا آهيون ◈ اسان سمجهندا آهيون تہ هيءَ سموري دنيا اسان جي قبضي ۽ اختيار ۾ آهي ◈ اسان جيڪو چاهيون اُهو ڪري سگهون ٿا ◈ جڏهن ڪاوڙ ايندي آهي تہ اسان ڦُوندارجي ويندا آهيون ◈ ٻانهون مٿي ڪندا آهيون ◈ سيني تي هٿ هڻي چوندا آهيون: خبر اٿئي مان ڪير آهيان؟ ◈ اسان سمجهندا آهيون تہ اسان طاقتور آهيون ◈ اسان وٽ پيسو آهي، مال آهي، دولت آهي، بينڪ بيلنس آهي ◈ وڏو عُهدو آهي، مون کي ڪير ڪجھ بہ نہ ٿو ڪري سگهي؟

اسان وِساري ويهندا آهيون تہ اسان مٽيءَ جا ٺهيل انسان آهيون، اسان ڪمزور ۽ ناتوان آهيون ◈ ڪاڏو ڪائڻ وقت جيڪڏهن هڪ ٻاٽيءَ جو ڏُڪ غلطيءَ سان ساهہ واري نالي ۾ هليو وڃي تہ اسان کي تڙپائي ڇڏيندو آهي ◈ ڳَرَهُہ نِڙيءَ ۾ ڦاسِي پئي تہ ساهُہ نڪرڻ لڳندو آهي ◈ هڪ معمولي مڇر اسان جي ننڊ حرام ڪري ڇڏيندو آهي. پر اسان غرور ڪندا آهيون، پنهنجو پاڻ تي فخر ڪندا آهيون.

---

[1] حاشيہ صاوی علی جلالين، پاره:7، سورۂ انعام، زيرِ آيت:61، جز:2، جلد:1، صفحہ:186۔

## فرعون ۽ نمرود جي هلاڪت

اُهو فرعون ...!! اُهو ڪمزور ترين ٻانهو...!! هُو بہ تہ انسان ئي هو پر جڏهن پنهنجي اوقات وِساري وينو تہ چيائين:

| | |
|---|---|
| اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ﴿۲۴﴾ (سيپارو: 30، سورة نازعات: 24) | ترجمو ڪنزالعرفان: مان توهان جو سڀ کان اعليٰ رب آهيان. |

الله اڪبر! ڪيڏو غرور هو، ٻانهو هو، ڪمزور هو پر غرور ۾ حد کان وڌي ويو، پوءِ الله پاڪ جو عذاب آيو، درياءَ جي هڪ ئي لهر سندس ڪم پُورو ڪري ڇڏيو.[1]

نمرود بہ تہ ٻانهو ئي هو، ان بدبخت لشڪر تيار ڪيو، ميدان ۾ آيو ۽ چيائين: اي ابراهيم! چئہ پنهنجي رب کي تہ، اچي ۽ مون سان جنگ ڪري. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اِلٰهِي تَسْمَعُ مَا يَقُولُ هٰذَا الْكَلْبُ يعني مولا! تو ٻڌو تہ هي جانور ڪهڙي نہ بڪواس ڪري رهيو آهي. الله پاڪ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمايو: جبرائيل! اسان جي ڪمزور ترين مخلوق يعني مڇرن جو لشڪر ان ڏانهن موڪل! لهٰذا مڇر آيا، ايترا تہ مڇر هئا جو ڏينهن جو اونداهہ ٿي وئي، مڇرن سندس فوج جي چَمڙِي بہ کائي ڇڏي، سندن هڏين جا ڍانچا وڃي بچيا. هڪ مڇر نمرود جي مغز ۾ اندر هليو ويو، جيڪو ڪيس ڏنگيندو رهندو هو، هُو پنهنجي سڄي حڪمرانيءَ جي باوجود، تاج و تخت ۽ حڪومت جي باوجود هڪ مڇر کان تنگ ٿي ويو، هُن جي دربار جو هي قانون بڻجي ويو هو تہ جيڪو بہ سندس دربار ۾ اچي، ٻهريان ڪيس مٿي ۾ 10 پادر هڻي پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪري، جڏهن هن کي

[1] سيرت الانبياء، صفحہ:596 ابتغير قليل۔

پادر لڳندا هئا تہ  ڪيس راحت ملندي هئي.[1]

تفسيرِ نعيمي ۾ آهي: هن اٺ سئو سال عمر ماڻي، چار سئو سال عيش و عشرت ۾ گذاريائين، چار سئو سال هڪ مڇر جي ڪري جُوتيون ۽ ڏنڊا کائيندو رهيو ۽ ائين ئي خواريءَ جي موت مري ڪپي ويو[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي ڳالهيون اسان کي اڳ ۾ ئي معلوم آهن، ٻڌندا رهندا آهيون پر افسوس! اسان سمجهندا نہ آهيون. ڇا هيءَ حقيقت نہ آهي تہ اسان تمام گهڻا ڪمزور آهيون...؟ ڇا هي سچ نہ آهي تہ الله پاڪ اسان تي غالب آهي، هُو هر لمحي اسان تي اختيار رکي ٿو.

## موتَ کان ڪير بہ بچائي نہ ٿو سگهي

امام حسن بصري رَحمةُاللهِعَلَيْه هڪ ڀيرو رُوم ملڪ ڏانهن تشريف وٺي ويا، اتي پاڻ هڪ عجيب منظر ڏٺائون: جهنگ ۾ هڪ جڳهہ تي اعليٰ قسم جي ريشمي ڪپڙي جو خوبصورت خيمو نهيل آهي ۽ خيمي جي چوڌاري هٿيار ڪٽي فوجي بيٺا آهن، انهن فوجين پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪجهہ چيو ۽ هليا ويا، پوءِ ملڪ جا وڏا وڏا عُلماء ۽ مشائخ آيا، انهن بہ خيمي وٽ بيهي ڪجهہ چيو ۽ هليا ويا، ان کان پوءِ ملڪ جا وڏا وڏا حڪيم، طبيب ۽ ڊاڪٽر اتي آيا، انهن بہ خيمي وٽ بيهي ڪجهہ چيو ۽ هليا ويا، پوءِ بادشاهہ ۽ وزير آيا، اُهي بہ ڪجهہ دير خيمي وٽ ترسيا، انهن بہ ڪجهہ چيو ۽ هليا ويا، امام حسن بصري رَحمةُاللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي منظر ڏسي مون کي تمام گهڻي حيراني ٿي، مون ڪنهن کان پڇيو تہ هي ڇا معاملو آهي؟ تہ ڪنهن ٻڌائڻ واري ٻڌايو تہ: بادشاهہ جو هڪ خوبصورت، نوجوان پُٽ هو، ان جو انتقال ٿي ويو، اُهو هِن خيمي ۾ دفن آهي، هر سال جڏهن سندس وفات جو ڏينهن ايندو آهي تہ سڀ اهڙي طرح هتي جمع ٿيندا آهن ◈ سڀ کان پهريان فوجي خيمي وٽ ايندا آهن ۽ چوندا

[1] شرح اسماء الحسنیٰ للقشيری، صفحہ:108۔
[2] تفسير نعيمی، پارہ:3 ، سورۂ بقرہ، زير آيت:258، جلد:3، صفحہ:63

آهن: اي بادشاھ جا پٽ! جيڪڏھن جنگ جي ذريعي موت کي ٽاري سگھجي ها تہ اسان پنھنجي جان جو نذرانو ڏئي بہ توھان کي بچائي وٺون ها ◈ پوءِ عُلماء اچي چوندا آھن: اي بادشاھ جا پٽ! جيڪڏھن علم جي ذريعي موت کي روڪي سگھجي ها تہ اسان ضرور تو کي بچائي وٺون ها ◈ پوءِ ڊاڪٽر ايندا آھن ۽ چوندا آھن: اي بادشاھ جا پٽ! جيڪڏھن موت جو ڪو علاج ممڪن ھجي ها تہ اسان ضرور اوھان جو علاج ڪريون ها ◈ آخر ۾ بادشاھ ۽ وزير ايندا آھن ۽ چوندا آھن: پٽ! اسان توکي بچائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر موت کي ڪير ٽو ٽاري سگھي؟ ھاڻي ايندڙ سال تائين توتي اسان جو سلام ھجي.

امام حسن بصري رَحمةُاللهِعَلَيْه جڏھن ھي ٻڌو تہ پاڻ پڪو ارادو ڪيائون تہ ھاڻي سموري زندگي نہ کِلندس ۽ جيسيتائين دنيا ۾ رھندس فڪرِ آخرت ۾ ئي مشغول رھندس. (1)

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتِبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
موت آئی پہلواں بھی چل دیئے | خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪرڻ جو مقام آھي، واقعي اسان ڪيڏا نہ ڪمزور آھيون، الله پاڪ جو حڪم ھر لمحي اسان تي نافذ آھي، اسان ڪجھ بہ ڪري سندس قدرت ۽ اختيار کان ٻاھر نہ ٿا نڪري سگھون. بابا بُلي شاھ رَحمةُاللهِعَلَيْه لکيو آھي:

مِٹّی دَا تُوں، مِٹّی ہَونَا، کَاہَدِی بَلّے بَلّے
اَج مِٹّی دَے اُتّے بَندِیا، کَل مِٹّی دے تھلّے

---

1... تذکرۃُ الْاَوْلِیَاء، صفحہ:17۔

**وضاحت:** يعني اي بانها! تون مٿيءَ جو نهيل آهين، مٿي ئي ٽيڙو آهين، پوءِ ڪهڙي ڳالهه جو غرور، ڪهڙي ڳالهه جي واهه واهه ...!! اڄ تون مٿيءَ جي مٿان آهين، سڀاڻي مٽيءَ جي هيٺان هليو ويندين...!! بس اِهائي تنهنجي ابتدا ۽ انتها آهي.

## ڇا عذاب کان نه ٿا ڊڄو...؟

اسان وٽ هڪ سوچ هوندي آهي، اسان جي ذهنن ۾ ڪٿي نه ڪٿي هيءَ ڳالهه عام طور موجود هوندي آهي ته مون کي **ڪجهه نه ٿيندو** ◈ اسان جي سامهون ويني ويني ڪنهن کي هارٽ اٽيڪ ٿي وڃي ته اسان سوچڻ لڳندا آهيون: هِن جو ته ڪوليسٽرول وڌيل هو، مون کي ڪجهه نه ٿيندو ◈ منهنجي فيملي هسٽري ۾ هارٽ اٽيڪ جو مسئلو نه آهي، تنهنڪري مون کي ڪجهه نه ٿيندو ◈ ڪنهن جو ايڪسيڊنٽ ٿي پئي ته اسان سوچيندا آهيون: هو ته تمام خراب نموني ڊرائيونگ ڪندو هو، مون کي ڪجهه نه ٿيندو ◈ خبر پڌي ته فلاڻي جاءِ تي آسماني بجلي ڪِري آهي، هيترا ماڻهو هلاڪ ٿي ويا آهن، اسان سوچيندا آهيون: مون کي ڪجهه نه ٿيندو.

اڙي ڀاءُ! مون کي ڇو ڪجهه نه ٿو ٿي سگهي ڇا اسان آسمان کان لٿا آهيون؟ ڇا اسان انسان نه آهيون؟ قرآن ڪريم جون ٿي سبق آموز آيتون پڙهو! الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اَفَاَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ یَّاْتِیَهُمْ بَاْسُنَا بَیَاتًا وَّ هُمْ نَآىٕمُوْنَؕ(۹۷) اَوَ اَمِنَ اَهْلُ الْقُرٰۤى اَنْ یَّاْتِیَهُمْ بَاْسُنَا ضُحًى وَّ هُمْ یَلْعَبُوْنَ(۹۸) اَفَاَمِنُوْا مَكْرَ اللّٰهِۚ فَلَا یَاْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ | ترجمو ڪنزالعرفان: ڇا ڳوٺن وارا هن ڳالهه کان بي خوف ٿي ويا جو انهن تي اسان جو عذاب رات جو اچي جڏهن اهي سمهي رهيا هجن. ڇا ڳوٺن وارا هن ڳالهه کان بي خوف آهن ته انهن تي اسان جو عذاب ڏينهن جي وقت اچي وڃي جڏهن اهي راند ۾ پيل هجن. ڇا اهي الله جي خفيہ تدبير کان بي خوف آهن ته الله جي |

اِلَّا الۡقَوۡمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۹۹﴾

(سيپارو: 9، سورة اعراف: 97-99)

خُفيہ تدبير کان صرف تباھ ٿيندڙ قوم ئي بي خوف ٿيندي آهي.

الله اکبر! ڪيترن صاف ۽ واضح لفظن ۾ اسان کي جهنجهوڙيو پيو وڃي: ڇا ڳوٺن وارا بي خوف ٿي ويا آهن ...!! ◈ نمازون قضا ڪري رهيا آهن، پوءِ بہ ڪين ڊپ نہ ٿو ٿئي؟ ◈ ڪوڙ تي ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن، پوءِ بہ ڪين خوف نہ ٿو ٿئي؟ ◈ تور ۽ ماپ ۾ گهٽ وڌائي ڪري رهيا آهن، پوءِ بہ ڪين ڊپ نہ ٿو ٿئي؟ ◈ ڀين جا حق ڪائي رهيا آهن، پوءِ بہ ڪين خوف نہ ٿو ٿئي؟ ◈ ڪمزورن کي دٻائي رهيا آهن، پوءِ بہ ڪين ڊپ نہ ٿو ٿئي؟ ◈ غيبتون ڪيون پيون وڃن، پوءِ بہ ڪين ڊپ نہ ٿو ٿئي؟ ◈ قتل عام ٿيندو پيو وڃي ◈ بدڪاريون عام ٿينديون پيون وڃن ◈ بد نگاهي ◈ ڳائڻ وڄائڻ ◈ غلط ڏسڻ، غلط ٻڌڻ، غلط ڳالهائڻ عام ٿيندو پيو وڃي ◈ الله معاف ڪري! سَڳن رشتيدارن جي طرفان جنسي تشدد جون خبرون اينديون رهنديون آهن، ايترو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان جي باوجود بہ ڇا ڳوٺن وارا ڊڄي نہ رهيا آهن؟ ◈ ڇا ڪين ڊپ نہ ٿو ٿئي تہ رات جو سُتا پيا هجن تہ مٿانئن عذاب اچي وڃي ◈ ڇا الله پاڪ جي خفيہ تدبير کان بي خوف ٿي ويا آهن ...؟ ۽ ڇا فرمايو ويو:

فَلَا يَاۡمَنُ مَكۡرَ اللّٰهِ اِلَّا الۡقَوۡمُ الۡخٰسِرُوۡنَ ﴿۹۹﴾

(سيپارو: 9، سورة اعراف: 99)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ الله جي خفيہ تدبير کان صرف تباھ ٿيڻ وارا ماڻهو ئي بي خوف ٿيندا آهن.

معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي عذاب کان، ان جي پڪڙ کان، سندس خفيہ تدبير کان بي خوف ٿي وڃڻ **نقصان کڻڻ وارن ۽ تباھ ٿيڻ وارن** جو طريقو آهي.

سدا خفیہ تدبیر سے ربّ کی ڈرنا | سنو! آخرت کا اِسی میں بھلا ہے [1]

## سزا ته ملندي ئي ملندي

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً الله پاڪ غالب آهي، هو پنهنجن ٻانهن تي مڪمل قدرت ۽ اختيار رکي ٿو، اسان ڪڏهن به سندس قبضي کان ٻاهر نه ٿا نڪري سگهون. ان ڪري سندس پڪڙ کان هر وقت ڊڄندو رهڻ گهرجي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

مَنْ یَّعْمَلْ سُوْٓءًا یُّجْزَ بِهٖ ۙ
(سيپارو: 5، سورة نساء: 123)

ترجموڪنزالعرفان: جيڪو به برائي ڪندو ان کي ان جو بدلو ڏنو ويندو.

يعني جيڪو برائي ڪندو، ان کي ان جي سزا ضرور ملندي، پوءِ چاهي ڪيس دنيا ۾ ملي يا آخرت ۾.[2]

## الله پاڪ جي عدل جو مثال

الله پاڪ جا نبي آهن: حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هڪ ڀيرو پاڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪيائون: اي مالڪ ڪريم! مان تنهنجو عدل ۽ انصاف ڏسڻ چاهيان ٿو. فرمايو ويو: اي موسيٰ! توهان نه ڏسي سگهندؤ. عرض ڪيائون: مولا! تون ڏيکارڻ تي قدرت رکين ٿو. فرمايو ويو: نيڪ آهي! پوءِ فلاڻي جڳهه تي درياءَ جي ڪناري تي وڃو! ۽ لِڪِي اسان جو عدل ڏسو! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ان جڳهه تي پهچي ويا ۽ وڻ جي ٽارين وغيره جي اوٽ ۾ لِڪِي ويهي، انتظار ڪرڻ لڳا. ايتري ۾ اتي هڪ امير شخص آيو، جيڪو گهوڙي تي سُوار هو، سندس هٿ ۾ پيسن سان ڀريل ٿيلهو هو، هو

[1]...وسائلِ فردوس، صفحہ:31۔

[2]...تفسير جلالين مع حاشية صاوی، پارہ:5 ، سورۂ نساء، زيرِ آيت:123، جلد:1، جز:2، صفحہ:66۔

درياءَ وٽ اچي ٻيٺو، پنهنجو پيسن جو ٿيلهو هڪ طرف رکيائين، درياءَ جي پاڻيءَ سان هٿ ۽ مُنهُن ڌوتائين ۽ گهوڙي تي سوار ٿي هليو ويو پيسن جو ٿيلهو جيڪو هُن هڪ طرف رکيو هو، ڪانئس کڻڻ وِسري ويو. ٿوري دير گذري تہ اُتي هڪ ٻار آيو، هن ٿيلهو ڏٺو ۽ ان جي اندر پيسا ڏٺا تہ ٿيلهو کڻي گهر هليو ويو.

ڪجهہ دير کان پوءِ هڪ انڌو ۽ پوڙهو شخص اُتي آيو، کيس اکين سان ڪجهہ نظر نہ اچي رهيو هو، هن درياءَ جي پاڻيءَ سان هٿ مُنهُن ڌوتو ۽ آرام ڪرڻ لاءِ هڪ جڳهہ تي ليٽي پيو. ايتري ۾ اُهو امير شخص جنهن جو ٿيلهو هو، جڏهن کيس احساس ٿيو تہ مان ٿيلهو تہ درياءَ جي ڪناري تي وِساري آيو آهيان تہ هُو واپس موٽي آيو، ڏٺائين تہ هتي تہ صرف هِي انڌو پوڙهو شخص ئي موجود هو، امير شخص پوڙهي کان پڇيو: ڇا تو هتي منهنجو ٿيلهو ڏٺو آهي؟ پوڙهي وراڻيو: مان تہ انڌو آهيان، مون ڪو ٿيلهو نہ ڏٺو آهي. جنهن تي اهو امير شخص ڪاوڙجي پيو ۽ چوڻ لڳو: تون ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين، تو ئي ٿيلهو ڪنيو آهي، جلدي ٻڌاءِ تہ ٿيلهو ڪٿي آهي، نہ تہ مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس. پوڙهو کيس ايلاز مِنٿُون ڪرڻ لڳو تہ ياءُ! مون تنهنجو ٿيلهو نہ ڏٺو آهي، مان تہ انڌو آهيان. ان امير شخص پوڙهي جي هِڪَ نہ ٻڌي ۽ ڪاوڙ ۾ اچي کيس قتل ڪري ڇڏيو.

هِي منظر ڏسي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام کي وڏي حيراني ٿي تہ هي ڪهڙو انصاف آهي؟ پوڙهي شخص جو تہ ڪو ڏوهہ ئي نہ هو، هُو تہ بي گناهہ ماريو ويو. الله پاڪ وحي نازل فرمائي تہ: اي موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام! اِهوئي اسان جو انصاف آهي، ڳالهہ اصل ۾ هيءَ آهي تہ اهو جيڪو ٻار هو، ان جو والد هن امير شخص وٽِ مزدوري ڪندو هو، هن ڪافي عرصو کيس مزدوري نہ ڏني هئي، ٿيلهي ۾ جيڪا رقم هئي، اصل ۾ اُهي مزدوريءَ جا ئي پيسا هئا، جيڪي هن امير شخص روڪي رکيا هئا. تنهنڪري ان مزدور جي ڪَمائي،

بار ذريعي سندس گهر پهچي وئي. جيڪو پوڙهو شخص هو، اُن پنهنجي جوانيءَ ۾ هن امير شخص جي والد کي قتل ڪيو هو، اڄ ان قتل جي بدلي ۾ هو پاڻ قتل ٿي ويو. اهڙي طرح مزدور کي پنهنجي مزدوري به ملي وئي ۽ قاتل کي ان جي سزا به ملي وئي. [1]

الله اڪبر! الله سيني تي غالب آهي...! ڪو به ظالم اهو نه سمجهي ته مان بچي ويندس، ڪو به زيادتي ڪندڙ اها ڳالهه ذهن ۾ نه آڻي ته مان سوڙهي گهڙيءَ مان نڪري ويندس، ڪو به طاقتور ائين نه سمجهي ته ڪو منهنجو ڪجهه بگاڙي سگهندو...!! الله سيني تي غالب آهي.

## پوڙِهي انڌِي ٿي وئي

مسلم شريف جيڪو حديث پاڪ جو وڏو مشهور ڪتاب آهي، ان ۾ روايت آهي ته هڪ پوڙهي عورت هئي، اُن صحابيءِ رسول حضرت سعيد بن زيد رَضِيَ اللهُ عنه جي زمين تي قبضو ڪرڻ لاءِ ساڻس جهيڙو ڪيو.

حضرت سعيد بن زيد رَضِيَ اللهُ عنه جهڳڙي ۾ پوڻ بجاءِ فرمايو: هيءَ زمين ان پوڙهي عورت کي ڏئي ڇڏيو. مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو آهي: مَنْ أَخَذَ شِبْرًا مِنَ الْأَرْضِ بِغَيْرِ حَقِّهٖ طُوِّقَهٗ فِيْ سَبْعِ أَرَضِيْنَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يعني جنهن شخص هڪ گِرانٺ جيتري زمين به ناحق قبائي قيامت جي ڏينهن ان جي ڳِچِيءَ ۾ 7 زمينن جو طوق وِڌو ويندو.

ان ڪان پوءِ پاڻ دعا فرمايائون: اَللّٰهُمَّ إِنْ كَانَتْ كَاذِبَةً فَأَعْمِ بَصَرَهَا وَاجْعَلْ قَبْرَهَا فِيْ دَارِهَا يعني يا الله پاڪ! جيڪڏهن هيءَ ڪُوڙي آهي ته اُن کي انڌو ڪري ڇڏ ۽ سندس قبر سندس ئي گهر ۾ ناهي ڇڏ. راوي فرمائن ٿا ته: مون ڏٺو ته هُوءَ

---

[1] ...التبر المسبوک فی نصیحة الملوک، صفحه:54۔

عورت انڌي ٿي چڪي هئي، پتين جي سهاري گهمندي هئي ۽ چوندي هئي: مون کي سعيد بن زيد جي بددعا لڳي آهي، آخرڪار هڪ ڏينهن گهر ۾ ئي هلندي هلندي کُوهَ ۾ ڪري مري وئي ۽ اُهو کُوهه ئي سندس قبر بڻجي ويو[1].

اللہ اکبر! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! الله پاڪ غالب آهي...!! سندس اختيار هلي ٿو. اڄڪلهه بہ ماڻهو زمينن تي ناجائز قبضا ڪندا آهن، غريب ويچارو ڪو ننڍو وڏو پلاٽ ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي تہ ان کي  قبضا گروپ کان بچائڻ هڪ الڳ ڪم هوندو آهي. احتياطي تدبيرون اختيار ڪرڻ جي باوجود بہ جيڪڏهن سندس زمين تي قبضو ٿي وڃي تہ ايلاز منٿون ڪرڻ جي باوجود بہ قبضا خورن کي مٿس ترس نہ ايندو آهي پر سندس ئي زمين کيس واپس ڪرڻ لاءِ ڳري رقم طلب ڪئي ويندي آهي، جيڪڏهن اُهو مظلوم شخص قبضو ڇڏرائڻ لاءِ ڪورٽ ڪچهري جو دروازو کڙڪائيندو آهي تہ اهڙا اهڙا حربا اختيار ڪيا  ويندا آهن جو زمين جو اصل مالڪ زمين جي اندر دفن ٿي ويندو آهي پر کيس زمين واپس نہ ملندي آهي. زمينن تي قبضو ڪرڻ وارن کي هوش ڪرڻ گهرجي تہ اڄ جنهن زمين تي قبضو ڪري هُو خوش ٿي رهيا آهن ۽ مظلوم جون بد دعائون ڪٺي رهيا آهن سڀاڻي مرڻ کان پوءِ اهائي زمين ڳلي جو طوق بڻجي رسوائي جو سبب نہ بڻجي وڃي. ڪڏهن ڪڏهن دنيا ۾ ئي قبضا گروپن جو انجام قتل ۽ خونريزي ۽ قيد جي صورت ۾ ٻين جي لاءِ عبرت بڻجي ويندو آهي. جيڪڏهن فرض ڪريو ڪين دنيا ۾ پنهنجي ڪيل جي سزا نہ بہ ملي تڏهن بہ مرڻ کان پوءِ ڪين زمين ۾ ئي دفن ٿيڻو آهي ۽ مرڻ کان پوءِ ان حرام ۽ ناجائز عمل جون جيڪي سزائون ملنديون، اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ...!! اُنهن جي باري ۾ احاديث ڪريمہ ٻڌو!

[1] مسلم، كتاب المساقاة، باب تحريم الظلم ...الخ،صفحه:625، حديث:1610۔

## 7 سَتَن زمينن تائين دٻايو ويندو

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو زمين جو ڪجهه حصو ناحق قبائيندو ان کي قيامت جي ڏينهن 7 زمينن جي اندر دٻايو ويندو.[1]

## طوق ڳچيءَ ۾ وڌو ويندو

سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص ظلماً هڪ ګراٺ جيتري زمين قبائيندو الله پاڪ کيس ان ڳالهه جو پابند ڪندو تہ هُو ان زمين کي 7 زمينن جي تَهہ تائين کوٽي پوءِ قيامت جي ڏينهن کيس ان جو طوق پارائيندو ايستائين جو ماڻهن جي وچ ۾ فيصلو ٿي وڃي.[2]

ہمیشہ ہاتھ بھلائی کے واسطے اٹّھیں | بچانا ظلم و ستم سے مجھے سدا یاربّ![3]

## جَهڙي ڪَرڻي تهڙي ڀَرڻي

ڏاڍي خوبصورت حديث پاڪ آهي، اسان کي اِهاً هميشه ياد رکڻ گهرجي!

حضور جانِ ڪائنات، شاهِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْبِرُّ لَا يَبْلٰى نيڪي ڪڏهن پراڻي نہ ٿيندي آهي وَالذَّنْبُ لَا يُنْسٰى گناهہ ڪڏهن وِساريو نہ ويندو آهي وَالدَّيَّانُ لَا يَمُوْتُ ۽ بدلو ڏيڻ واري ذات (يعني الله پاڪ) کي ڪڏهن موت نہ ايندو اِعْمَلْ مَا شِئْتَ جيڪو چاهيو سو ڪريو! كَمَا تَدِينُ تُدَانُ جيڪو پوکيندؤ، سو ئي لُڻندؤ. (4)

---

[1] بخاری،کتاب المظالم،باب اثم...الخ،صفحہ:632، حدیث:2454۔
[2] مسند احمد، جلد:7، صفحہ:254، حدیث:18037۔
[3] وسائلِ بخشش، صفحہ:76۔
[4]... جامع صغير، صفحہ:192، حديث:3199۔

| | |
|---|---|
| گَندُم زِ گَندُم جَوْ زِ جَوْ | اَزْ مَکَافَاتِ عَمَل غَافِل مَشَوْ |

**وضاحت:** ڪڻڪ پوکيندؤ تہ ڪڻڪ ئي لُڻندؤ، جَوَ پوکيندؤ تہ جَوَ ئي لُڻندؤ ، دنيا مکافاتِ عمل آهي يعني هتي *Tit For Tat* (جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي) وارو قانون آهي، ان کان غفلت نہ ڪريو!

| | |
|---|---|
| بونے والے جو بوئیں وہ کاٹیں | یہ ہوا تو مَر مِٹا یاربّ! |
| آہ جو بو چُکا ہوں وقتِ دِرَو | ہو گا حَسرَت کا سامنا یاربّ! |
| مجھے دونوں جہاں کے غم سے بچا | شاد رکھ شاد دائما یا ربّ! (1) |

## مَڇيءَ آڱوٺو زخمي ڪري ڇڏيو

امام ذهبي رَحمۃُاللہِعَلَيْہ لکن ٿا: ڪنهن بزرگ هڪ شخص کي ڏٺو جنهن جي ٻانهَن ڪُلهي وٽان ڪٽيل هئي ۽ هُو اعلان ڪري رهيو هو تہ جنهن مون کي ڏٺو اُهو هرگز ڪنهن تي ظلم نہ ڪري. مون ڪانئس ان جو سبب پڇيو تہ هو چوڻ لڳو: منهنجو معاملو وڏو عجيب ۽ غريب آهي، مان بدمعاشن جو ساٿي هيس، هڪ ڏينهن مان هڪ مُهاڻي کان مڇي ڦُرِي ۽ گهر ڏانهن روانو ٿي ويس، رستي ۾ مڇيءَ منهنجو آڱوٺو زخمي ڪري وِڌو، جيئن تيئن ڪري مان گهر پهتس ۽ مڇيءَ کي هڪ طرف رکي ڇڏيو. آڱوٺي جي سُورَ ۽ تڪليف جي ڪري مان سڄي رات سمهي نہ سگهيس. صبح ٿيو تہ مان طبيب وٽ ويس ۽ کيس پنهنجو سڄيل زخمي هٿ ڏيکاريو. هن چيو تہ آڱوٺو ڪٽڻو پوندو نہ تہ اڳتي هلي سڄو هٿ ڪٽڻو پوندو، تنهنڪري مان پنهنجو آڱوٺو ڪٽرائي ڇڏيو. پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي هٿ ۾ ڏک لڳو تہ پراڻو زخم تازو ٿي ويو، مون کي شديد تڪليف ٿي رهي هئي، مان طبيب وٽ ويس تہ هُن

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:86۔

هٿ ڪٽڻ جو چيو، مان ڪٽرائي ڇڏيو پر سُور سڄي ٻانهَن ۾ ڦهلجي ويو. مان سخت تڪليف ۾ هئس ڪنهن گهڙي سُڪون نہ پئي آيو تنهنڪري ٻهريان ڏُونئِ تائين ۽ بعد ۾ ڪُلهي تائين ٻانهَن ڪٽرائڻي پئي، ڪجھ ماڻهن مون کان تڪليف شروع ٿيڻ جو سبب پڇيو تہ مون کين مڇيءَ وارو واقعو ٻڌايو جنهن تي اُهي چوڻ لڳا تہ جيڪڏهن تون ٻهرين ئي مرحلي ۾ مڇيءَ واري وٽِ وڃي ڪانئس معافي وٺي کيس راضي ڪري ڇڏين ها تہ شايد توکي هِي عضوا ڪٽرائڻا نہ پون ها، هاڻي بہ وقت آهي ان شخص وٽ وڃ ۽ کيس راضي ڪر، ان کان پهريان جو اِها تڪليف سڄي جسم ۾ ڦهلجي وڃي، مان وڏي مشڪل سان ان مڇيءَ واري کي ڳوليو ۽ معافي وٺڻ لاءِ سندس پيرن ۾ ڪري پيس. هن پريشان ٿيندي پڇيو: تون ڪير آهين؟ مون وراڻيو: مان اهو ئي شخص آهيان جنهن توکان مڇي ڦُري هئي، پوءِ مون کيس سمورسڄو واقعو تفصيل ٻڌائي ڪٽيل هٿ ڏيکاريو تہ هو بہ روئي پيو ۽ چوڻ لڳو: منهنجا ڀاءُ! مون توکي معاف ڪري ڇڏيو. مان ان کي شاهد ٺاهي آئنده ڪنهن تي ظلم ڪرڻ کان توبهہ ڪري ڇڏي.(1)

ایک لکیر شام کی، کہتی ہے درمیاں کی بات
خلقِ خُدا کا ایک دِن، باقی ہیں سب خُدا کے دِن

**وضاحت:** يعني هر ڏينهن کان پوءِ شام بہ ٿيندي آهي، هر عروج کي زوال بہ ايندو آهي، هر طاقت ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪمزور ٿي ئي ويندي آهي، هِن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخلوق جو صرف هڪ ڏينهن آهي، يعني عمل جو ڏينهن، باقي سڀ ڏينهن الله پاڪ جا آهن يعني جڏهن مخلوق عمل ڪري چُڪِي، هاڻي ان کان پوءِ اختيار الله پاڪ جو آهي، هُو چاهي تہ سزا ڏئي، چاهي تہ معاف فرمائي ڇڏي.

1...ڪتاب الڪبائر للذهبی، الڪبيرة السادسة والعشرون، صفحہ:80۔

## ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! بهرحال! الله پاڪ غالب آهي، سندس اختيار هر وقت اسان تي هلندو آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ ◈ان جي بارگاهہ ۾ عاجزي اختيار ڪريون، ◈ تڪبر کان هر وقت بچندا رهون، ◈ طاقت ۽ قوت جي نشي ۾ نہ اچون. ◈ ڪنهن کي تڪليف نہ پهچايون. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ﴿۱۰﴾

(سيپارو: 30، سورة بُروج: 10)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ جن مسلمانن مردن ۽ مسلمان عورتن کي آزمائش ۾ مبتلا ڪيو پوءِ توبهہ نہ ڪئي انهن جي لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن جي لاءِ باهہ جو عذاب آهي.

معلوم ٿيو تہ مسلمانن کي تڪليف ڏيڻ انتهائي سخت ترين جرم آهي جنهن جي سزا دوزخ جي ڀڙڪندڙ باهہ آهي.

## تڪليف پهچائڻ جون ڪجھ صورتون

اي عاشقان رسول! تمام گهڻي افسوس جي ڳالهہ آهي جو اڄڪلهہ مسلمانن کي تڪليف پهچائڻ تمام معمولي سمجهيو وڃڻ لڳو آهي، ماڻهو بي خوف ٿي ٻين کي تڪليف ڏيندا آهن ۽ بلڪل بہ نہ ڊڄندا آهن ◈ ڪو چغليون هڻي ٻين کي تڪليف پهچائيندو آهي ◈ ڪو گاريون ڏئي دل ڏکائيندو آهي ◈ ٻين جي مال تي ناحق قبضو ڪري ◈ ٻي ڏوهہ ۾ ٻي محل ڪاوڙ ڪري ◈ ماري ◈ مارائي ◈ ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي◈ تور ۽ ماپ ۾ ڪمي ڪري ◈ مال لُٽي ◈ مذاق اُڏائي◈ طعنن جا تير وسائي◈ پرينڪ جي نالي تي ٻين جي عزتِ نفس سان ڪيڏي ◈

سوشل ميڊيا تي ويڊيوز وائرل ڪري ۽ ◈ نہ ڄاڻ ڪھڙي ڪھڙي انداز ۾ ٻين کي تڪليف پھچائي ويندي آھي ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ خطرناڪ ڳالھ ھيءَ آھي تہ ٻين کي تڪليف پھچائي ماڻھو خوش ٿيندا آھن، پاڻ کي بھادر سمجھندا آھن، ٻين کي ڌوڪو ڏيڻ کي پنھنجي ھوشياري سمجھي رھيا ھوندا آھن، ان ڪري نہ توبھ جي طرف ايندا آھن ۽ نہ ئي پنھنجي آخرت جو فڪر ڪندا آھن.

وائے ناکامی متاعِ کارواں جاتا رہا | کارواں کے دِل سے احساسِ زیاں جاتا رہا

**مفھوم:** ھاءِ! افسوس...!! قوم جو سرمايو لٽجي ويو. ان ڪان بہ وڏو نقصان ھي آھي تہ قوم کي پنھنجي اِن نقصان جو احساس ئي نہ آھي.

گناھ تہ ڪيو، پر پوءِ ان تي شرمندگي ٿئي تہ اِھا بہ وڏي ڳالھ آھي پر افسوس! اڄڪلھ ماڻھو دل ڏکائي شرمسار بہ نہ ٿيندا آھن، معافي گھرڻ بہ گوارا نہ ڪندا آھن، رَھندو ان تي خوش ٿي رھيا ھوندا آھن. ڪاش! اسان جي دلين ۾ مسلمان جي عزت ويھي وڃي، اسان پنھنجن مسلمان ڀائرن جو احترام ڪرڻ سگھي وڃون. يقين ڪريو! اسلام ۾ امن ۽ سڪون (***Peace***)، ڀائيچاري ۽ پاڻ ۾ پيار ۽ محبت کي وڏي اھميت ڏني وئي آھي، جيڪي ماڻھو اِن اسلامي ڀائيچاري کي نقصان پھچائي رھيا آھن، پنھنجن مسلمان ڀائرن کي تڪليف ڏئي رھيا آھن يا سندن عزتِ نفس مجروح ڪري رھيا آھن، اھي ڏاڍا برا ماڻھو آھن.

## بُري ۽ نيڪ ٻانھي جون نشانيون

ھڪ ڀيرو رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللهُ عنھم کي فرمايو تہ ڇا مان توھان کي سٺن ۽ برن جي خبر نہ ڏيان؟ ھڪ شخص عرض ڪيو: جي ھا يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي اسان

جي برن ۽ نيڪن جي باري ۾ ٻڌايو! فرمايائون: توهان جو سنو اهو شخص آهي جنهن مان خير جي اميد ڪئي وڃي ۽ سندس شر کان امن هجي ۽ اوهان جو برو اهو شخص آهي جنهن مان خير جي اميد نہ ڪئي وڃي ۽ سندس شر کان امن نہ هجي. (1)

هن حديث پاڪ جي شرح جو خلاصو آهي تہ اهڙو شخص جو ماڻهن جون دليون ان جي طرف کان مطمئن هجن، ماڻهو ان جي باري ۾ هي اعتماد رکندا هجن تہ هي شخص ڪنهن کي تڪليف نہ ڏيندو آهي پر جيسيتائين تي سگهي ٿو ٻين جي خير خواهي ئي ڪندو آهي، اهڙو شخص تمام ڀلو آهي جڏهن تہ اهڙو شخص جنهن کان ماڻهو ڊڄندا هجن، ڪانئس ڀلائي جي اميد نہ رکندا هجن، سندس شر کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا هجن، اهڙو شخص تمام برو آهي. (2)

## مسلمان جو خون، مال ۽ عزت مسلمان تي حرام آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو پيارو مذهب اسلام هر مسلمان جي جان، مال ۽ عزت جي تحفظ جي ضمانت ڏئي ٿو. آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: كُلُّ الْمُسْلِمِ عَلَى الْمُسْلِمِ حَرَامٌ دَمُهُ وَمَالُهُ وَعِرْضُهُ يعني هر مسلمان جو خون، مال ۽ عزت ٻئي مسلمان تي حرام آهي. (3)

مشهور مفسرِ قرآن حضرت مفتي احمد يار خان رَحمةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا تہ: ڪو بہ مسلمان ڪنهن ٻئي مسلمان جو مال سندس اجازت کان سواءِ نہ کڻي، ڪنهن جي بيعزتي نہ ڪري، ڪنهن مسلمان

[1]... ترمذی ، کتاب الفتن، باب:72 ،صفحہ:544 ، حدیث :2263۔

[2]...مرآۃ المناجیح،جلد:6،صفحہ:579 خلاصۃً۔

[3]...مسلم ، کتاب البر و الصلۃ، باب تحریم ظلم المسلم ...الخ،صفحہ:995،حدیث:2564۔

کي ناحق ۽ ظلماً قتل نہ ڪري چوتہ اِهي سڀ ڪم سخت جرم آهن. (1)

طبراني شريف ۾ آهي: رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عبرت نشان آهي: مَنْ آذَى مُسْلِمًا فَقَدْ آذَانِيْ وَمَنْ آذَانِيْ فَقَدْ آذَى اللّٰهَ (يعني) جنهن (بغير شرعي عذر جي) ڪنهن مسلمان کي ايذايو، اُن مون کي ايذايو ۽ جنهن مون کي ايذايو، اُن الله پاڪ کي ايذايو.(2)

خدایا! کسی کا نہ دل میں دکھاؤں | اماں تیرے اَبدی عذابوں سے پاؤں

## طاقت جو نشو خطرناڪ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ تمام خطرناڪ (*Dangerous*) باطني بيماري آهي: **طاقت جو نشو**. اسان کي هن بيماري کي پنهنجي اندر مان لازمي ختم ڪري ڇڏڻ گهرجي چوتہ ظلم اڪثر ڪري اُهو ئي ڪندو آهي جنهن کي قوت ۽ طاقت جو نشو هوندو آهي.

تاریخِ اُمَمْ کا یہ پیامِ ازلی ہے | اے صاحبِ نظراں! نشۂ قُوَّت ہے خطرناک

جيڪو پنهنجي اندر مان طاقت ۽ قوت جو هي نشو ختم ڪري ڇڏي، مان، مان نہ ڪري، پنهنجي نفس کي قابو ڪري ڇڏي يا ائين ڪٿي چئجي تہ پنهنجي اندر جو فرعون ماري ڇڏي تہ حقيقت (**Reality**) ۾ اهو شخص ظلم ڪرڻ کان بچي سگهي ٿو. معاشري (**Society**) ۾ غور ڪريو تہ جيڪو عاجزي وارو هوندو آهي، اُهو ڪڏهن بہ ٻين کي تڪليف نہ پهچائيندو آهي، جيڪڏهن ڄاڻي واڻي يا اڻڄاڻائي ۾ ڪنهن کي ڪجھ چئي بہ ويهي تہ جلدي

---

1...مرآة المناجيح،جلد:6، صفحہ:553 بتغير قليل۔

2...معجمِ اوسط،جلد:2، صفحہ:387،حديث:3607۔

معافي وٺي ڇڏيندو آهي ۽ جيڪو عاجزي وارو نہ هوندو آهي، جيڪو پنهنجو پاڻ کي ڪجھ سمجھندو آهي، اُهو ڳالھ ڳالھ تي ويڙھ ويڙھ ڪندو آهي.

## هُدهُد کي معافي ملي وئي

حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن، سندن دربار جو مشهور پکي آهي: هُدهُد. هڪ ڀيري هُدهُد حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي اجازت کان سواءِ ڪيڏانهن هليو ويو، هدهد جي اهڙي حرڪت سبب حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام سخت ناراض ٿيا ۽ فرمايائون: هدهد واپس ايندو تہ مان ڪيس سزا ڏيندس. جڏهن هدهد واپس آيو ۽ ڏٺائين تہ حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام جلال ۾ آهن تہ هن عاجزي اختيار ڪئي ۽ پنهنجا پَرَ زمين تي گِهليندي حاضر ٿيو ۽ موقعو ڏسي، ادب جي دائري ۾ رهندي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي بارگاھ ۾ پيشِيءَ جو ذڪر ڇيڙي ڇڏيائين، بس قيامت جو ذڪر ٻڌڻ جي دير هئي، حضرت سليمان عَلَيْهِ السَّلَام ڪَنبي ويا ۽ پاڻ هدهد کي معاف ڪري ڇڏيائون.[1]

دل سے غرور نکلے، بہر حضور نکلے | یارب! مجھے بنادے پیکر تو عاجزی کا

## عاجزي ۽ انڪساريءَ سان بلندي حاصل ٿيندي آهي

**حديث پاڪ ۾ آهي:** آخري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا تَوَاضَعَ أَحَدٌ لِلّٰهِ إِلَّا رَفَعَهُ اللهُ جيڪو بہ الله پاڪ جي لاءِ عاجزي اختيار ڪندو آهي الله پاڪ ان کي بلندي عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.[2]

هڪ حديث پاڪ ۾ فرمايائون: اَلتَّوَاضُعُ لَا يَزِيدُ الْعَبْدَ إِلَّا رِفْعَةً فَتَوَاضَعُوا يَرْفَعْكُمُ اللهُ عاجزي ٻانهي کي صرف بلندي ئي عطا ڪندي آهي، تنهنڪري عاجزي

---

[1]...تفسير خازِن، پاره:19، سورۀ نمل، زيرِ آيت:21، جلد:3، صفحہ:342خلاصةً۔

[2]...مسلم، كتاب البر و الصلة، باب استحباب العفو...الخ، صفحہ:1002، حديث:2588۔

اختيار ڪيو! الله پاڪ توهان کي بلند رتبو عطا فرمائي ڇڏيندو. [1]

## عاجزي ڪيئن ملي؟

اسان کي بہ گهرجي تہ عاجزي اختيارڪريون، تڪبر کان، خود پسنديءَ کان، پنهنجي انا ۾ رهڻ کان پري رهون، بندگيءَ جو اصل معيار ئي عاجزي آهي، حقيقي بانهو اُهو آهي جيڪو عاجزي اپنائيندو آهي، تنهنڪري ◈ عاجزي جا فضائل پڙهو! ◈ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ سيرت جو مطالعو ڪريو! ◈ قبرستان ۾ حاضري ڏيڻ جي عادت بڻايو! ◈ دل ۾ خوفِ خدا وڌايو! ◈ تڪبر، خود پسندي وغيره جا نقصانات پڙهو! ◈ عاجزيءَ وارو انداز اختيار ڪريو! مثال طور ◈ سلام ۾ اڳرائي ڪريو! ◈ ٻين کي پاڻ کان پلو سمجهو! ◈ جڏهن بہ دل ۾ تڪبر ۽ خود پسندي وارو خيال اچي تہ پنهنجن گناهن کي ياد ڪريو! قبر ۽ آخرت جو تصور ڪريو! ◈ جيسيتائين ٿي سگهي پنهنجو ڪم پاڻ پنهنجن هٿن سان ڪرڻ جي عادت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! عاجزي نصيب ٿيندي ۽ تڪبر ۽ خود پسندي جهڙين برين باطني بيمارين کان جان ڇٽي ويندي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: دارُ السنہ

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي مختلف ذريعن سان علم دين جو نور تقسيم ڪرڻ، مختلف ذريعن سان علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مشغول آهي. انهيءَ مقصد تحت دعوتِ اسلامي

[1]...الترغيب لابن شاہين، باب فضل التواضع...الخ، صفحہ:80، حديث:236۔

جي ديني مراڪز فيضانِ مديني ۾ هڪ شعبو **دارُ السنہ** جي نالي سان قائم آهي. هن وقت پُوري پاڪستان ۾ تقريباً **29 دارُالسنہ** قائم آهن.

**شعبو دارُ السنہ** هڪ ديني اڪيڊمي جي طور تي ڪم ڪندو آهي ◈ هتي اسلامي ڀائرن جي ديني ۽ تنظيمي تربيت ڪئي ويندي آهي ◈ اسلامي ڀائر پنهنجي سهولت مطابق تشريف ڪٽي اچي علمِ دين حاصل ڪندا آهن ◈ مختلف سنتون ۽ آداب سکندا آهن ◈ دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن (مثلاً درس ڪيئن ڏيڻو آهي؟ انفرادي ڪوشش جو طريقو ڇا آهي؟ اجتماع جي دعوت ڪيئن ڏيڻي آهي؟ قافلن لاءِ اسلامي ڀائرن کي ڪيئن تيار ڪرڻو آهي؟ اهو سڀ ڪجهه ۽ ٻين ديني ڪمن) جي تربيت حاصل ڪندا آهن ◈ **دارُ السنہ** جا تربيت يافته اسلامي ڀائر نہ صرف پاڻ قافلن جا مسافر بڻجندا آهن ◈ پر ٻين کي بہ سفر ڪرائڻ وارا بڻجي ويندا آهن.

توهان بہ پنهنجي آساني مطابق **دارُ السنہ** تي وقت ڏيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جون خوب برڪتون حاصل ٿينديون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بهارِ شريعت ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالوجي جي ذريعي بہ مختلف انداز سان نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، اِن سلسلي ۾ اَلحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ طرفان تمام پياري، نرالي ۽ تمام گهڻي فائدي واري موبائل ايپلي ڪيشن **بهار شريعت** جي نالي سان لانچ ڪئي وئي آهي ◈ صدر الشريعہ، مولانا امجد علي اعظمي رَحمۃُ اللهِ عَلَيْه جي مايہ ناز تصنيف بهارِ شريعت جا ٽئي جِلد هن

ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن ◈ ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآني آيتون، حديثون، اصطلاحات ۽ لغت هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن ◈ اوهان هن ايپلي ڪيشن ۾ گهربل متن تلاش بہ ڪري سگهو ٿا ◈ سرچ کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ ان ۾ اردو ڪِي بورڊ (*Key Board*)جي سهولت آهي تہ جيئن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. هي ايپلي ڪيشن پاڻ بہ پنهنجي موبائل ۾ ڊائون لوڊ ڪيو، ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر چنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ چنڇر تي بہ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **وسيلي جون برڪتون** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، الله پاڪ جي رضا ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (*Share*) ڪريو! ◈ مڪتبة المدينہ قرآن پاڪ ۾ ذڪر ڪيل واقعن، انبياءِ ڪرام جي معجزن ۽ عبرت ناڪ قصن تي مشتمل ڪتاب بنام **عجائب القرآن مع غرائب القرآن** شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي

ڪنهن به شاخ تان **450 روپين** ۾ قيمتاً حاصل فرمايو، پاڻ به مطالعو ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو.

## قرباني جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت ۾ مصروفِ عمل آهي، انهن نيڪ ڪمن ۾ توهان به پنهنجو حصو شامل ڪريو! عيدُ الاضحيٰ ويجهي آهي، عاشقانِ رسول قربانيءَ جي سعادت حاصل ڪندا. اِلتجا آهي! پنهنجي پنهنجي قربانيءَ جي جانور جي کل دعوتِ اسلامي کي ڏيو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!توهان جي لاءِ صدقهءِ جاريه ٿيندو. ان سان گڏوگڏ پنهنجي گهٽي پاڙي ۾، پنهنجي عزيزن مٽن مائٽن کي فون وغيره ڪري به ان جي ترغيب ڏياريو! پنهنجي ڪوشش سان کلون جمع به ڪريو!اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!ان جون به برڪتون ملنديون، حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن ڪنهن ڀلائيءَ جي طرف رهنمائي ڪئي، ان کي ان تي عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو[1].

## اپريل جو مهينو، اجتماع جو مهينو

پيارا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ فرمايو آهي: هفتيوار اجتماع دعوتِ اسلامي جو تمام اهم ڪم آهي. اي ڪاش! اهو ذهن بڻجي وڃي ته ننڍو هجي يا وڏو، هفتي وار اجتماع ۾ ڪنهن جو به مس نه ٿئي.[2]

اَلحَمْدُلله! دعوتِ اسلامي اپريل جو مهينو هفتيوار اجتماع طور ملهائي رهي آهي. خوب ڪوشش ڪريو، پاڻ به هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع ۾ ڀرپور شرڪت ڪندا رهو، ٻين کي به دعوت ڏيو ۽ جيڪڏهن ٿي سگهي ته ٻين کي

[1] ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء الدال...الخ، صفحه:628، حديث:2671۔
[2] مدنی مذاکره، 11 جولائی 2020۔

پاڻ سان گڏ آڻڻ جي ڪوشش ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن مهيني پابنديءَ سان شرڪت ڪرڻ سان مستقبل ۾ شرڪت ڪرڻ اسان لاءِ آسان ٿي ويندو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگيءَ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اهلِ خانہ (گهر وارن) تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: **(1):** قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل تي سڀ کان ڀريان ماڻهوءَ جو پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو. (2) **(2):** جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪري تہ اُهو ان جي لاءِ صدقو آهي. (3)

---

[1]… مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحہ:55، حديث:175۔

[2]…معجم الاوسط،جلد:4، صفحہ: 329، حديث: 6135۔

[3]…مسلم،كتا ب :الزكاة، صفحہ:502، حديث:1002۔

اي عاشقان رسول! اهلِ خانہ تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي ◈ پيارا آقاۂ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم پنهنجن گهر وارن تي خرچ فرمائيندا هئا ◈ حديث پاڪ جي مطابق هجرت کان پوءِ هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم پنهنجي گهر وارن لاءِ سڄي سال جو اناج جمع فرمائي ڇڏيندا هئا. (1)

هن حديث پاڪ جي تحت مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحمةُ اللهِ عَلَيْه جيڪا شرح بيان ڪئي آهي، ان جو خلاصو هي آهي تہ سرڪار عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو سموري سال جي لاءِ اناج جمع فرمائڻ بنو نضير جو قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ جي ڳالھ آهي. هيءَ ڳالھ بہ ذهن نشين رهي تہ جيتوڻيڪ حضور جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم سڄي سال جو اناج جمع فرمائي ڇڏيندا هئا پر ازواج پاڪ ڪثرت سان صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون، سڄي سال جو اناج جلد ئي ختم ٿي ويندو هو ۽ نوبت فاقن تائين پهچي ويندي هئي. (2)

بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے

مُفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا: رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جو سڄي سال لاءِ اناج جمع فرمائڻ ان ڪري آهي تہ جيئن اِهو عمل امت جي حق ۾ سنت بڻجي وڃي، باقي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جا اهلِ خانہ ڪمزور دل جا نہ هئا (پر اُهي حضرات الله پاڪ تي ڪامل پروسو رکڻ وارا هئا).(3)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343۔

[2]... مرآۃُ المناجِيح، جلد:5، صفحہ:949۔

[3]... احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحہ:343۔

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا
چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیے چَشمِ نَم
لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو[1]

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:669۔